

# وئدڪ وندنا

(ستن ڏينهن لاءِ ست ويد منتر)

ليکڪ: آچاريہ اپيہ ديو

وئدڪ ڌرم سنستا ڪنڌڪوٽ

# ٻہ اکر

**چوٿين ويد سميلن** جي موقعي تي ٻڻ اڳ جيان ويدن بابت ڪنهن نئين پستڪ کي پرڪاشت ڪرڻ جي مقصد سان هن ڀيري چوندُ ويد منترن کي سمجهاڻي سميت ڇپائڻ جو ارادو ڪيو ويو. شروعات ۾ جيتوڻيڪ ڪو وڏو ڪتاب ڇپائڻ جو خيال هو پر وقت جي ڪمي سبب اهو ممڪن نہ ٿي سگهيو. ان ڪري ويد جا ست ڀڳتي ڀاوَ سان ڀرپور منتر چونڊيا ويا جن کي ارٿ ۽ سمجهاڻي سميت شايع ڪيو پيو وڃي. اهي ست ئي منتر **آچاريہ ڀڀيہ ديو** جي مشهور ڪتاب "**وئدڪ ونيہ**" تان ورتا ويا آهن ۽ انهن جو سنڌي ترجمو **شري راجڪمار آريہ** جن ڪيو آهي.

اسان جي اها ڪوشش ويدن جي ترجمي ۽ پرچار جي ڏس ۾ جيتوڻيڪ تمام ننڍڙي آهي پر شروعاتي قدم طور خوش آئنده آهي. اميد تہ ويد ڀڳتن کي اها ڪوشش پسند ايندي.

راين ۽ تجويزن لاءِ منتظر رهنداسين.

**رامچند آريہ**

**ڪنڊڪوٽ**

**27-01-2006**

# مهان ڪاويہ

अन्ति सन्तं न जहात्यन्ति सन्तं न पश्यति।
देवस्य पश्य काव्यं न ममार न जीर्यति॥

—अथर्व० १०।८।३२

## ارٿ:

انسان ويجهي رهندڙ (پرماتما) کي نہ تياڳي (ڇڏي) سگهي ٿو ۽ نہ ئي انهيءَ ويجهي (پرماتما) کي (ٻاهرين اکين سان) ڏسي سگهي ٿو. (ان ڪري) اي انسان! پرماتما جي انهيءَ ويد رچنا کي ڏس جيڪا نہ ڪڏهن ختم ٿئي ٿي ۽ نہ ئي پراڻي.

## ڀڪتي ڀاونا:

انسان پرماتما کي ڪڏهن ڇڏي نہ ٿو سگهي. يعنيٰ ان کان پري ٿي نہ ٿو سگهي. اهو پرماتما جي ايترو تہ ويجهو آهي، اهڙي تہ گهري تعلق ذريعي جڙيل آهي. جو هو چاهي بہ، تڏهن بہ هن کان پري وڃي نہ ٿو سگهي. ڇو تہ پرماتما ان جي آتما جي آتما آهي. پر عجب جهڙي ڳالهہ آهي! جو ايترو ويجهو رهندي بہ هو ان پرماتما کي ڏسي نہ ٿو سگهي. ليڪن حيرت بہ ڇو ڪائجي؟ اهو ايترو ويجهو آهي. انڪري ئي تہ نظر نہ ٿو اچي. ڇا اک پنهنجي پر ۾ رهندڙ پنبڙي کي ڏسي سگهي ٿي؟! تہ جي نہ تہ پوءِ انسان پنهنجي آتما ۽ پاڻ کي قوت بخشيندڙ ان هستيءَ کي ڪيئن ڏسي سگهندو؟

ان ڪري هن منتر ۾ چيو ويو آهي ته اي انسان! تون ان جي رچنا کي ڏس. ان ۾ ئي ان جو درشن ڪر. ڏس! ان جو اهو نظم (ڪاويه) ويد آهي جيڪو نه ته ڪڏهن پراڻو ٿئي ٿو ۽ نه ئي ڪڏهن ختم.

اي انسان! يا ته ان کي ان جي رچنا منجهه يعنيٰ هن پوري ڪائنات ۾ ڏس. جنهن جو هر نظارو ان جو ڏس ڏيئي رهيو آهي. انسان جا ناهيل سڀ ناٽڪ ڪجهه وقت ڏسڻ کان پوءِ بي مزي لڳن ٿا پر ان جو هي سنسار روپي ناٽڪ ڪڏهن بي لطف نه بڻبو آهي.

ان جي اها رچنا سدا هلندي رهي ٿي، جڙندي ڊهندي رهي ٿي پر ان جو اهو بدلاءِ اهو پريورتن سدا رهي ٿو. ڇو ته ان جو رچيندڙ خود سدا رهندڙ آهي ان جي رچنا نتيه آهي، ڇا ڪاڻ ته رچيندڙ به نتيه آهي.

اي انسان! تون ان کي ڏسندي ان دنيا منجهه ان پرماتما جو ئي پسارو پس.



# جاڳ!

सुपर्णोऽसि गरुत्मान् पृष्ठे पृथिव्याः सीद।
भासान्तरिक्षमापृण ज्योतिषा दिवमुत्तभान तेजसा दिशऽउद् दृंह॥

—यजुः १७।७२

## ارٿ:

(اي انسان تون) سٺي نموني سان ترقي ڪندڙ ۽ اعليٰ آتما وارو آهين (تون) ڌرتيءَ جي پٺي تي سوار ٿيءُ. پنهنجي (اعليٰ ڪرمن جي) پرڪاش سان آسمان کي ڀري ڇڏ. پنهنجي نور سان ڌرتي ۽ گرھ جي وچين حصي کي اعليٰ بڻاءِ ڇڏ ۽ سيني طرفن کي پنهنجي جوت سان روشن بڻاءِ.

## ڀڳتي ڀاونا:

اي جيو! تون پاڻ کي نہ ٿو سڃاڻين. تون سهڻن پرن وارو آهين، تون اوچو اڏرڻ وارو آهين، تون اعليٰ درجي تي پهچڻ لاءِ پيدا ٿيو آهين. تون اوچائن جي اڏام تي اڏرڻ ۽ ترقي جي اوچائين کي ڇهڻ لاءِ پيدا ٿيو آهين. تون سيني سٺن گڻن سان ڀرپور آهين. تنهنجي آتما گرو (مهان) آهي، عظيم آهي. تون اٿ! تون هن ڌرتي جي پٺي تي سوار ٿيءُ، تون سموريءَ ڌرتي جو پرش آهين. ڌرتي جي پٺيءَ تي ويهي چمڪ ۽ آسمان کي روشني سان ڀري ڇڏ. جڏهن تون پنهنجي مانسڪ (روحاني)

روشني ڏيڪاريندين تہ ان نور سان هي سارو سنسار بہ جگمگائيندو.

نہ! اجا اوچو اٿ! هيءَ روشن دنيا جنهن اعليٰ روشن جسمن سان نهي آهي، قائم آهي انهيءَ جهڙو اعليٰ پٽون تو ۾ بہ آهي. بس! تون ٿورو پنهنجي روحاني طاقت کي چمڪاءِ ٿورو ان جوت کي ڦهلاءِ ۽ اهڙي نموني پاڻ اوچائين کي ڇهندي، چئني طرفن کي بہ پنهنجي نور سان وڌائيندو وڃ تنهنجو تيج پري پري تائين ايترو تہ ڦهلي، جو تنهنجي ساڌنا، تنهنجو تيج، توسان گڏوگڏ دنيا جي ٻين انسانن کي بہ مضبوط بڻائي، اعليٰ درجي تي پهچائي. تون عام ماڻهن وانگر ڇو وينو آهين؟!!. تون تہ اها اڳني آهين جنهن کي پنهنجي روشنيءَ سان سموري سنسار کي پري ڇڏڻو آهي.

اي انسان اٿ! تون سهڻن پرن وارو آهين تون عظيم آهين..........!

# اي پرماتما! بي ڊپو بڻاءِ!

यतोयतः समीहसे ततो नोऽअभयं कुरु।
शं नः कुरु प्रजाभ्योऽभयं नः पशुभ्यः॥

—यजु:० ३६।२२

## ارٿ:

(اي پرماتما) جتي جتي تنهنجو (ڪوئي بہ ) عمل ٿئي ٿو اتي اسان کي بي ڊپو بڻاءِ. اسان جي پالنا هيٺ رهندڙ ماڻهن ۽ جانورن کي بي خوف بڻاءِ.

## ڀڳتي ڀاونا:

اسان ڪنهن بہ حادثي ڪان، ڪنهن بہ جڳهہ تي يا ڪنهن بہ وقت ڊڄندا ڇو آهيون.؟ حقيقت ۾ ڊڄڻ جو ڪوئي بہ سبب نہ آهي، پوءِ بہ اي پرميشور! اسان ڊڄون ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسان توکي ڀلائي وينا آهيون ۽ ان لاءِ، جو اسان هر عمل ۾، هر وقت، تنهنجي هٿ کي نہ ٿا ڏسون جيڪڏهن اسان دنيا وارا ڪنهن بہ واقعي کي تو ذريعي ٿيندڙ ڏسون، تنهنجي انتظام اندر ڏسون تہ اسان ڪڏهن بہ نہ ڊڄون. تون تہ وڏو منگل ڪاري آهين ۽ هر عمل نيڪ – نيڪ ڪندڙ آهين هميشہ سيني جو ڀلو ڪندڙ آهين، ان ڪري اي پريو! جتي - جتي، جنهن بہ وقت، ڪنهن عمل سان پنهنجو انتظام ڪندو آهين. ان هر جڳهہ تي اسان کي اڀيہ ڪري ڇڏ. ان هر هنڌ تان اسان لاءِ بي خوفي آڻ.

پر اي پريو! اها کهڙي جڳهه آهي، جتي تون نيڪ - نيڪ عمل نہ ٿو ڪرين؟ تون ڪهڙي جڳهه تہ سجاڳ نہ آهين؟!.

آهہ......! جيڪڏهن اسان سنساري ماڻهون ايترو ئي احساس ڪيون، تہ ان سنسار ۾ اسان جي لاءِ اپيہ ئي اپيہ ٿي وڃي. هن سنسار ۾ سک، همدردي جو راڄ ٿي وڃي. ڪٿي ڪو ڪمزور کي نہ ستائي، نہ ئي ڪڏهن ڪوئي گونگن جانورن تي هٿ کڻي. تڏهن نہ صرف سڀ پرجائون سک شانتي کي حاصل ڪنديون، نہ ئي موجوده ٻالڪ شانتي کي پراپت ڪندا پر سنسار جون ايندڙ نسلون بہ سک کي حاصل ڪنديون. ۽ پڻ جانور ۽ پکي بہ ان وسيع پراڻين جي ڪٽنب حصو ٿيندي بي خوف ٿي، هن ڌرتي تي گهمندا!.

ان وقت جيڪو هي سنسار خودغرضيءَ جي انڌپڻي ۾ غريبن کي مختلف طريقن سان ستائي رهيو آهي. پنهنجي چشڪي لاءِ هر روز ساهہ وارن کي کهي رهيو آهي. (پرماتما جي احساس سان) اهي سڀ گهور انرٿ تڏهن ختم ٿي ويندا. سمورا پاپ ۽ ناانصافيون ختم ٿي وينديون.

اي پريو! اي جڳديشور! تون اهڙي ڪرپا ڪر! اسان سڀ ساهہ وارا، هر وقت، هر جڳهه تنهنجي ئي انتظام کي ئي محسوس ڪيون. اسان جي پاتين کي اهڙي ئي شانتي ڏي ۽ پڻ اسان جي جانورن لاءِ بہ تون اهڙي ئي بي ڊپائي پيدا ڪر.

# متحد ٿي هلو ۽ هڪ آواز ٿي ڳالهايو.

सं गच्छध्वं सं वदध्वं सं वो मनांसि जानताम्।
देवा भागं यथा पूर्वे संजानाना उपासते॥
—ऋ० १०।१९१।

## ارٿ:

اي انسانو! توهان سڀ متحد ٿي هلو. گڏجي هڪ آواز ٿي گفتگو ڪريو. جهڙي طرح مهاپرش گڏجي ڪري پنهنجو حصو حاصل ڪندا رهيا آهن.

## ڀڳتي ڀاونا:

اي انسان! هميشہ ملي هلو. گڏجي وهنوار ڪريو. ملي ڪري ڳالهايو ۽ توهان جا من ملي ڪري سدائين هڪ فيصلو ڪن. اهو ودوانن (عالمن) جو طريقو آهي تہ ودوان هميشہ هڪ خيال ۽ علم وارا پنهنجي ڪردار کي نيائيندا آهن. اصل ۾ من جي خيالن جي ايڪتا ئي حقيقي ايڪتا آهي. خيالن جي ايڪتا ٿيڻ سان وچنن ۽ عملن ۾ هڪجهڙائي اچڻ ۾ دير ناهي لڳندي. ڏسو! هن مادي دنيا ۾ بہ اگني (باھ) وايو (هوا) وغيره جڳت کي هلائڻ لاءِ گڏ ٿي نيڪ - نيڪ پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيا آهن. روحاني نڪتہ نگاھ سان پراڻ (ساھ) اندريون (حواس) وغيره کي ڏسون تہ ڪيئن نہ متحد ٿي اسان جي جيون

کي هلائي رهيا آهن. پير ۾ ڪندو لڳي ٿو تہ ڪيئن نہ چمڙي، ساهہ، من هٿ وغيره سڀ عضوا هڪ ئي پل ۾ سهيوگ ڏيڪارين ٿا.

ودوان پراڻي وقت کان وٺي متحد ٿي ڪري ئي وڏيون وڏيون ڪاميابيون ماڻيندا رهيا آهن. گڏجي ڪم ڪرڻ، ديوتائن جي فطرت آهي. خسيس مفادن کي نہ ڇڏي سگهڻ ۽ گڏجي ڪم نہ ڪرڻ راڪشسي فطرت آهي. انڪري اي انسانو! توهان گڏجو، پنهنجي سوين خسيس مفادن کي ڇڏي، هڪ وڏي اجتماعي مفاد لاءِ گڏجي هلو چاڪاڻ تہ لکن ڪروڙن جي گڏجي ڪم ڪرڻ سان، توهان کي جيڪا اجتماعي ڪاميابي ملندي ان جي نتيجي ۾ توهان سيني لکن ڪروڙ ن پراڻين جون، سيئي شخصي ضرورتون پوريون ٿي وينديون. گڏ ٿيڻ يا متحد ٿيڻ ۾ وڏي طاقت آهي.

جيڪڏهن ڪوئي ڪم گڏجي ڪبو تہ ڪهڙو ڪم آهي؟ جيڪو ڪري نہ سگهجي؟ توهان هڪ آواز ٿي ڳالهايو تہ سنسار کي لوڏائي ڇڏيو ۽ ملي ڪري ڏيان ڪرڻ ۾ تہ اپار....اپار قوت آهي. انڪريَ اي انسانو! ملو ۽ ملي ڪري ئي پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪريو.

# مهان هستي

वेदाहमेतं पुरुषं महान्तमादित्यवर्णं तमसः परस्तात्।
तमेव विदित्वाऽति मृत्युमेति नान्यः पन्था विद्यतेऽयनाय॥
—यजु:० ३१।

## ارٿ:

" آءُ هر جڳهہ، وياپڪ، سج وانگر پرڪاش سوروپ (روشن) ۽ اگيان/انڌڪار کان پري پرماتما کي ڄاڻان ٿو. ان کي ڄاڻي ڪري ئي انسان موت کان پار ٿي سگهي ٿو. منزل مقصود تائين پهچڻ لاءِ ان کان علاوه ٻيو ڪوئي رستو نہ آهي."

## ڀڳتي ڀاونا:

مان پرش کي، ان مهان پرش کي ڄاڻان ٿو. جيڪو سموري سنسار ۾ وياپڪ (موجود) آهي. جيڪو ايترو تہ مهان آهي. جو هي دنيا ۽ سڀ ڪائناتون هن جي ننڍڙي انش ۾ آهن. هو هر طرح سان مڪمل آهي ۽ هر طرح سان اعليٰ آهي. مان انهيءَ کي ئي هر طرف محسوس ڪري رهيو آهيان. هوءَ پنهنجي پرڪاش سوروپ ۾ اجول، جيوترميہ (نوراني) روپ سان هر هنڌ موجود آهي. اهو "تم" (انڌڪار /اگيان) کان بلڪل پري آهي.

اگيان ۽ انڌڪار ان پوتر جوت کي ڇهي ئي نہ ٿا سگهن. هن سنسار ۾ جيڪڏهن ڪنهن تشبيهہ ذريعي ان ڏانهن

اشارو ڪري سگھجي ٿو تہ چمڪندڙ سج کي ڏسو! هو پرماتما سج وانگر آهي. اهو (سج) چمڪندڙ، ڌهڪندڙ ۽ خود روشن آهي. اي انسانو! توهان ان کي ڏسو، ان کي سمجھو! ان کي ڄاڻڻ کان پوءِ ئي انسان موت کان پار ٿي سگھي ٿو. اي موت کان ماريل مردؤ! اي انيڪ تڪليفن کان ستايل دنيا دارؤ! توهان ان کي ڇو نہ ٿا ڏسو!؟ ان کي ڏسڻ کان پوءِ سنسار جون تڪليفون تہ ڇا؟ پر موت جو خطرناڪ ڏک بہ ختم ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن توهان سڀني ڏکن ۽ خوفن کان دور ٿيڻ چاهيو ٿا! سڀني سورن ۽ تڪليفن کان آزاد ٿيڻ چاهيو ٿا تہ توهان ان وياپڪ پرماتما کي ئي ڄاڻو! ان پرڪاش سوروپ هستي کي سڃاڻو! گھربل سک شانتي تائين پهچڻ لاءِ، چوٽڪاري جي اعليٰ آنند کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي اعليٰ مقصد کي پائڻ لاءِ ان پريو پرماتما کي ڄاڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪوئي رستو ناهي. انهيءَ پورڻ پرش (ڪامل ذات) کي سمجھڻ کان علاوہ ٻي ڪائي راھ ڪانهي!.



# اسان سڀ ڀائر آهيون.

अज्येष्ठासो अकनिष्ठास एते सं भ्रातरो वावृधुः सौभगाय।
युवा पिता स्वपा रुद्र एषां सुदुघा पृश्निः सुदिना मरुद्भ्यः॥
—ऋ० ५।६०

## ارٿ:

"انهن (انسانن ۾) ۾ نہ ڪوئي وڏو آهي ۽ نہ ڪو ننڍو. اهي سڀ ڀائر ۽ گڏجي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جاکوڙيندڙ آهن. سدا هڪ جهڙو رهندڙ ۽ پلارا ڪم ڪندڙ پرماتما انهن سڀني جو پتا ۽ انسانن لاءِ ان، ڦل، ڦول وغيره روپي تَج ڏيندڙ "پرڪرتي" ماتا ئي آهي."

## يڪتي ڀاونا:

سنسار جا سڀئي انسان هڪ ٻئي جا ڀائر آهن ۽ سڀئي انسان هڪ ئي ماتا پتا جي اولاد آهن. سنسار جي ڪنهن بہ ڪند ۾ رهندڙن جو. اهڙي طرح "پرماتما" پتا ۽ ماتا "پرڪرتي" آهي. جهڙي طرح ٻي ڪند ۾ رهڻ واري جو انسان هجڻ جي ناتي انهن ۾ نہ ڪوئي وڏو آهي ۽ نہ ڪوئي ننڍو. ڪارو ۽ گورو، جهنگلي ۽ شهري، دولتمند ۽ مزدور، مشرقي ۽ مغربي، برهمڻ ۽ اڇوت، هندو ۽ مسلمان، جاپاني ۽ آمريڪي، انگريزي ۽ پاڪستاني، ڳوناٺو ۽ شهري سڀئي انسان هڪجهڙا ۽ هڪ ٻئي جا ڀائر

آهن. انهن ۾ اوچ نيچ مجڻ جاهليت آهي. انسانيت جي نڪته نگاهہ سان سمورن انسان کي اِتم ديوتائن وانگر ڪلياڻ لاءِ ملي ڪري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ملي ڪري سنسار ۾ انسانيت جو واڌارو ڪرڻ گهرجي. جڏهن انسان انسان کان نفرت ڪن ٿا، مختلف ملڪن جا رهواسي هجڻ ناتي يا مختلف متن جا پوئلڳ هجڻ ناتي پاڻ ۾ وڙهندا ٿا وتن. اهي هڪ ٻئي جو توپن، بندوقن ۽ زهريلي گئسن سان خاتمو ڪندا رهن ٿا. اوچ نيچ جي ايمان ۾ اچي هڪ ٻئي تي ظلم ڪندا رهن ٿا. تڏهن اهي پنهنجي هڪ ئي ماتا پتا کي ڀلائي ويهن ٿا ڇا!. ٻين ملڪن جي رهواسين کي پيدا ڪندڙ ٻيو؟! ۽ اسان کي پيدا ڪندڙ ڪوئي ٻيو آهي؟!! "نہ" اهو هڪ ئي "رودر" پرماتما سڀني جو پتا آهي. جيڪو ڪڏهن ٻڍو نہ ٿيندڙ ۽ نہ ئي مرڻ وارو آهي. جيڪو اسان سڀ لاءِ ڀلارا ڪم ڪندڙ آهي. سڀني جي ماتا اها "پرڪرتي" آهي. جيڪا اسان کي سڪن روپي کير ڏيئي رهي آهي ۽ اسان کي سک پهچائي رهي آهي. اچو! اسان سڀ انهن ڪوڙن فرق ۽ نفرتن کي ڀلائي ڪري ڪاري ۽ گوري، دولتمند ۽ مزدور ڇوت ۽ اڇوت، هم وطن ۽ ڌاريي جهڙن فرقن کي ڀلائي سڀئي انسان ملي انسانيت جي فلاح ۽ بهبود جو ڌيان ڪيون هڪ ٻئي جي ڀلائي جو ڌيان ڪيون. پنهنجي، سٺا عمل ڪندڙ، امر پتا جو آشيرواد حاصل ڪندي ۽ سک ڏيندڙ ماتا ذريعي

پنهنجون سڀيئي خواهشون پوريون ڪندي پنهنجي ترقيءَ جو اپاءُ ڪيون ۽ ٻائرن وانگر هڪ ٻئي جي مدد ڪندي انسانيت جي مقصدن جي پورائي لاءِ وڌندا هلون.



# نشڪام ڪرم جي عظمت

कुर्वन्नेवेह कर्मांणि जिजीविषेच्छतः समाः।
एवं त्वयि नान्यथेतोऽस्ति न कर्मं लिप्यते नरे॥

— यज:० ४०।२

## ارٿ:

"انسان کي هن سنسار ۾ ڪرم (محنت) ڪندي ئي سؤ سالن تائين جيئڻ گهرجي. ان طرح تياڳ ڀاؤ سان ڪرم ڪندين ته تو انسان کي ڪرم نه وڪوڙيندا. ان کان علاوه ٻيو ڪوئي رستو نه آهي."

## ڀڳتي ڀاونا:

انسان کي گهرجي ته هو ڪرم ڪندي ئي جيئڻ جي چاهنا ڪري جيڪڏهن هو عمل نه ٿو ڪري ته ان کي جيئڻ جو ڪوئي حق نه آهي. چاڪاڻ ته هيءَ جيون ڪرم ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. اي انسان! ڇا تون ڊڄين ٿو ته ڪرم ڪرڻ سان تون ان ۾ ڦاسي ويندين؟ تون ان ۾ ٻڌجي پوندين؟ نه، جيڪڏهن تون ويدن جي چوڻ مطابق تياڳ ڀاؤ سان سنسار کي ڀوڳيندين پنهنجي ٻڌيءَ کي پرماتما جي حوالي ڪري وهنوار ڪندين، هميشه "اهم" کي ڇڏي ڪرم ڪندين ته تنهنجا اهڙا ڪرم تو لاءِ ڦاهي نه ٻڻبا. اهڙن نشڪام ڪرمن جو ڪڏهن به توکي ليپ

نہ لڳندو. حقيقت ۾ اهڙا نشڪام ڪرم ڪندڙ ئي سنسار ۾ اصلي نر آهي. دنياداري نيائيندڙ آهي ۽ اڳواڻ آهي. انڪري اي نر! تون اناسڪت (بي لوث) ٿي تياڳ ڀاؤ سان ڪرمن کي ڪر. اهو ئي ڪرمن جي ليپ کان بچڻ جو اپاءُ آهي. بلڪ ان نشڪام ڪرم جي ساڌنا (رياضت) کان سواءِ سنسار ۾ ڪرمن جي ليپ کان بچڻ جو ٻيو ڪوئي بہ طريقو نہ آهي. ڇا تون سمجهين ٿو! تہ عمل نہ ڪرڻ سان ڪرمن جي ليپ کان بچي وينديں؟ اڙي سادا...! جيستائين هيءَ جيون آهي، هي جسم آهي. تيستائين ڪرمن کي ڇڏي بہ ڪيئن سگهجي ٿو؟ ڪجھ نہ ڪجھ جسماني ۽ مانسڪ (سوچ ويچار) روپي ڪرم ڪرڻ کان سواءِ تون زنده ڪيئن ٿو رهي سگهين؟ جيڪڏهن ڪرم کان بچڻ لاءِ تون خودڪشي بہ ڪندين تڏهن بہ توکي ڇٽڪارو ڪونہ ملندو. توکي ٻيو جنم وٺڻو ئي پوندو ۽ توکي خودڪشي ڪرڻ جو پاپ بہ لڳندو. تون ڏس! تہ جنهن وقت ڪرم ڪرڻ ضروري آهي، ان وقت ڪرم نہ ڪرڻ سان بہ پاپ لڳندو آهي. ان ڪري ياد رک! تہ ڪرم ڇڏڻ سان توکي ڪڏهن بہ نرليپتا (ڪرمن کان آجپو) نہ ملندي. ان جو اپاءِ صرف هڪ ئي آهي. تہ ڪرم ڪيو وڃي. مگر بغير ڦل جي خواهش جي ڪيو وڃي. ان لاءِ اي انسان! جاڳ ۽ ڪرم ڪرڻ جي تامسڪ حالت کي ڇڏي جذبي ۽ همت سان ڪرم ڪندو رهہ. غرور کان لمڪل آجو ٿي، هميشہ سڀ

ڪجهه پرماتما جي ارپڻ ڪرڻ واري حالت ۾ رهندي جلديءَ سان پنهنجي فطري ڪرمن کي بغير لڳاءُ جي ڪندو رهه. اهڙن عملن کي تون پنهنجي سڄن سؤ سالن تائين ڪندو رهه پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ڪندو رهه.



## وئدڪ ڌرم سنستا جو منشور

1. ويد ۽ وئدڪ ڌرم جي ڄاڻ ڦهلائڻ.
2. پنتي پيل جاتين کي اڳتي آڻڻ لاءِ اپاءُ وٺڻ.
3. سماج ۾ ڦهليل غلط رسمن رواجن کي ختم ڪرڻ ۽ وئدڪ سنسڪارن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

---

**وئدڪ ڌرم سنستا جا ميمبر بڻجي هن شبُ ڪاريہ ۾ سهڪار ڪريو.**

---

ويد ۽ وئدڪ ڌرم جي ڄاڻ انٽرنيٽ تي هيٺ ڏنل ويب سائيٽس تي ملي سگهي ٿي.

www.hinduism.com.za
www.urday.com
www.hinduwebsite.com
www.osho.com
www.aryasamaj.com
www.aryasamaj.org
www.aryasamajjamnagar.org
www.aryasamajtoday.com
www.tankara.com
www.vedmandir.com
www.vediccare.com
www.vedikbooks.com

For any contact: vedik_dsk@hotmail.com

# اسان جا ايندڙ ڪتاب

## موت ۽ پرلوڪ

ليکڪ: مهاتما نارائڻ سوامي

موت ڇا آهي؟ موت وقت ڇا ٿئي ٿو؟ موت کان بعد ڇا ٿئي ٿو؟ ڇا موت کان بعد ڪا زندگي آهي؟ نئون جنم ڪيئن ٿو ملي؟ پرلوڪ ڇا آهي؟ مڪتي ڇا آهي؟ ويدن ۽ شاسترن جي روشني ۾ لکيل هيءَ ڪتاب اهڙن انيڪ سوالن جا جواب ڏيئي ٿو جن کي هر انسان ڄاڻڻ چاهي ٿو.

## ڪرم ڦل وگيان

ڪرم ڇا آهي؟ ڪرمن جو ڦل ڪيئن ٿو ملي؟ ڪوئي امير ڪوئي غريب صحتمند يا بيمار يا انڌو منڌو ڇو ٿو ٿئي؟ ڪوئي سکي يا ڪوئي دکي ڇو آهي؟ ڇا وقت کان اڳ ۾ موت ممڪن آهي؟ پنر جنم ۽ قسمت ڇا آهي؟ مٿين منجهائيندڙ سوالن جي جوابن لاءِ هي ڪتاب ضرور پڙهو.

## منو سمرتي

ليکڪ: منو مهاراج سنڌيڪار: رامچندر "آريہ"

جڳ مشـــــهور ڪتاب منو سمرتي جيڪو دنيا جو پهريون قانون بابت لکيل ڪتاب آهي. جنهن ۾ سنساري ۽ آتمڪ گيان جا قانون ۽ قائدا درج ٿيل آهن. ڪاڏي، صفائي، رشتن ناتن ۽ اٿڻي ويهڻي جي اصولن کان وٺي مختلف ڏوهن جي سزا بابت پڻ انهيءَ ڪتاب ۾ ڄاڻ ڏني وئي آهي.

## آدرش ڌرمي سکيا

آدرش ڌرمي سکـيا ڪلاس 3 ، ڪلاس 4 ، ڪلاس 5، آدرش ڌرمي سکـيا جي سلسلي جا هي ڪتاب اسڪولي ٻارن جي لاءِ ڌارمڪ ڪورس طور لکيا ويا آهن. جيڪي ٻارن جي ڌرمي تعليم لاءِ انتهائي فائديمند آهن.

HI-TECH COMPUTERS K.KOT PH: 0722-573461